# عاشقن جو سفرِ مدينه



هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# عاشقن جو سفرِ مدينہ!

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ
(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمناً مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

رَسُولِ اَڪْرَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جُمعي جي ڏينهن مون تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪندا ڪريو ڇو جو اهو حاضري جو ڏينهن آهي جو ان ۾ فرشتا حاضر ٿيندا آهن ۽ جيڪو شخص بہ مون تي دُرود پڙهندو آهي ان جو دُرود منهنجي بارگاه ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. راوي فرمائن ٿا تہ مون عرض ڪيو: ڇا وصالِ ظاهري ڪان بعد بہ؟ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ها! بي شڪ الله عَزَّوَجَلَّ زمين تي انبياء (عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي جسمن کي کائڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي زنده آهن، انهن کي روزي ڏني ويندي آهي. (ابنِ ماجه، ڪتاب ماجاء في الجنائز، باب ذڪر وفاته و دفنه ، ٢٩١/٢،حديث: ١٦٣٧)



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجھ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الْحَبِيب! اُذْكُرُوااللهَ تُوبُوا اِلَي اللهِ! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِلجُوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

[1] (المعجم الكبير للطبراني، ج 6، ص 185، الحديث: 5942)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

مان بہ نيت ڪريان ٿو ❁ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَۃِ وَ الۡمَوۡعِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّیْ وَلَوْ آيَة يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جُهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

متا متا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ماهِ ذُوالْحِجَّةُ الْحَرَام پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي، هي اُهي مبارڪ ڏينهن آهن جن ۾ لکين خوش قسمت عازمينِ حج، حج جي سعادت حاصل ڪري مَدِينَہ مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي زيارت کان لُطف اَندوز ٿيندا آهن، يقيناً ذڪرِ مدينہ عاشقانِ رسول جي لاءِ دل ۽ جان جي تسڪين جو سبب آهي. عُشاقِ مدينہ ان جي فُرقت (جدائي) ۾ تڙپندا ۽ زيارت جا بي حد مشتاق رهندا آهن. دنيا جي جيتري زبانن ۾ جيتري قدر قصيدا مَدِينَہ مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي وڇوڙي ۽



www.dawateislami.net

جُدائي ۾ ان جي ديدار جي تمنّا ۾ پڙهيا ويا، ايترا دنيا جي ڪنهن بہ شهر يا خطّي (سر زمين) جي لاءِ نہ پڙهيا ويا، جنهن کي هڪ ڀيرو بہ مديني جو ديدار ٿي ويندو آهي اهو پنهنجو پاڻ کي خوش نصيب سمجهندو ۽ مديني ۾ گذرندڙ حسين لمحن کي هميشہ جي لاءِ يادگار قرار ڏيندو آهي. ڪنهن عاشقِ رَسول مديني جي پُرنُور فضائن ۾ گذريل گهڙين کي ياد ڪندي ڪيتري پياري انداز ۾ فرمائي ٿو تہ .....

وُہی ساعتیں تھیں سُرور کی، وُہی دن تھے حاصِلِ زِندَگی

بَحُضورِ شافِعِ اُمَّتاں مِری جن دِنوں طَلَبی رہی

## اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مديني جو سفر

عاشقِ ماهِ رِسَالت، اَعليٰ حضرت، اِمام اهلسنّت، مجددِ دِين ۽ مِلت مولانا شاهہ اِمام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن پنهنجي ٻئي حج جي سفر ۾ حج جا رڪن ادا ڪرڻ کان پوءِ شديد عليل (يعني سخت بيمار) ٿي پيا، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: بيماري جي وڌي وڃڻ کان وڌيڪ فڪر مون کي سرڪارِ اعظم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حاضري جو هو. جڏهن بخار کي وڌندي ڏٺو تہ مان انهيءَ حالت ۾ حاضريءَ جو ارادو ڪيو. سڀ عالِمَ سڳورا منع (يعني روڪيندا رهيا) پهريان تہ اهو فرمايائون: ”توهان جي طبيعت اهڙي آهي ۽ سفر وڏو آهي! مون عرض ڪيو: جيڪڏهن سچ پڇيو تہ حاضريءَ جو اصل مقصد طَيبہ جي زِيارت آهي ۽ ٻئي ڀيرا اِن نِيّت سان گهران نڪتو هئس، مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن اهو نہ هجي تہ حج جو لطف ئي ناهي. اُنهن وري اِصرار ۽ منهنجي حالت ياد ڏياري تہ مون حديث پڙهي: مَنْ حَجَّ وَلَمْ يَزُرْنِيْ فَقَدْ جَفَانِيْ يعني جنهن حج ڪيو ۽ منهنجي زيارت نہ ڪئي تہ ان مون سان جفا ڪئي. (ڪشف الخفا ج 2 ص 218 حديث 2458) فرمايائون توهان هڪ ڀيرو تہ زيارت ڪري چڪا آهيو، مون



www.dawateislami.net

چيو تہ مون وٽ حديث جو اهو مطلب ناهي تہ عمر ۾ ڪيترا ٻہ حج ڪجن ۽ زيارت هڪ دفعو ڪافي آهي پر هر حج سان گڏ زيارت ضروري آهي. هاڻي اوهان دعا فرمايو تہ مان سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي وڃان ۽ روضي اقدس تي هڪ نظر پئجي وڃي، پوءِ چاهي ان وقت ئي دَم نِڪري وڃي. (عاشقان رسول جون 130حڪايتون)

اُس کے طُفیل حج بھی خُدا نے کرا دِیے  اَصلِ مُراد حاضِری اُس پاک دَر کی ہے

(حدائقِ بخشش ص202)

چلوں دُنیا سے میں اِس شان سے اے کاش! یااللہ  شَہِ اَبرار کی چوکَھٹ پہ سَر ہو میرا خَم مَولیٰ

سُنہری جالیوں کے سامنے اے کاش! ایسا ہو  نکل جائے رسولِ پاک کے جلووں میں دَم مولیٰ

(وسائلِ بخشش ص98)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو تہ عَاشقن جي اِمام،اعليٰ حضرت مَولانا شاه اِمام اَحمد رضَا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه مديني جي تاجدار، دوعالَم جي مالِڪ و مُختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربارِ **فائِضُ الانوار** جي حاضِري جي لاءِ ڪيتري قدَر بيقرار رهندا هئا. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه چاهين ها تہ ڪجھ مُدَّت کان پوءِ اِن سَعادَت کان مُشَرَّف ٿي وڃن ها پرعِشقِ رسول جيئن تہ توهان جو سَرمايو ۽ حاضِري بارگاهِ رسول سندن جي منزلِ مقصود هئي، تنهنڪري سَخت عَلالَت (بيماري) بہ اوهان کي درِ رسول جي حاضِري کان نہ روڪي سَگهي، بس اوهان تي هڪ ئي ڌُن سُوار هئي تہ بس ڪهڙي طرح بہ رَوضَہءِ رسول جي هڪ جَهلڪ ڏسي وٺان ۽ پنهنجون اکيون ٺڏيون ڪري وٺان، پوءِ ڀلي منهنجي جان بہ هلي وڃي تو مونکي ڪا پَرواه نہ هوندي گڏوگڏ اوهان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو هي جُملو بہ تاريخ ۾ سُنهري اکرن سان لکڻ جي قابِل آهي تہ **”جيڪڏهن سچ پڇيو تہ حاضِري جو اَصلِ مقصود زيارَتِ طيبَہ آهي،**



www.dawateislami.net

بِئي پيرا اِنهي نيت سان گهر کان هليا، مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن هي نہ هجي تہ حج جو ڪو مزو ناهي.“

اي ڪاش !اسان کي بہ حُضورِ اَڪرم ،نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حقيقي عِشق ۽ مديني جي سچّي تڙپ نصيب ٿي وڃي، يقيناً جن جي دِل ۾ مديني وڃڻ جو شوق رهندو آهي، اُن تي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ضرور ڪرم ٿيندو آهي ۽ اَسباب ۽ وسيلا نہ هئڻ جي باوُجود بہ اُنهن کي حَيرت اَنگيز طور تي حاضِري جي سَعادَت نصيب ٿي ويندي آهي، بلڪ جيڪڏهن ايئن چيو وڃي تو شايد غَلَط نہ هوندو تہ مَڪہءِ مُڪرَّمَہ ۽ مَدِينہءِ مُنَوَّرَه زَادَہُمَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيمًا اهي مُقَدَّس مقام آهن جتي ماڻهو خُود نہ ويندا بلڪ گهُرايا ويندا آهن، اچو تہ هاڻي مديني جي تڙپ دِل ۾ پيدا ڪرڻ جي لاءِ مَدِينہءِ مُنَوَّرَه زَادَہَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيمًا ۽ رَوضہءِ اَقدَس جي حاضِري جي فضائل جي مُتَعَلق تي (3) فرامينِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

## مدينو ماڻهن کي پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏيندو آهي

(1) اَلْمَدِيۡنَةُ تَنۡفِي النَّاسَ كَمَا يَنۡفِي الۡكِيۡرُ خَبَثَ الۡحَدِيۡدِ يعني مدينہء مُنَوَّرَه (زَادَہَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيمًا) ماڻهن کي ايئن پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏيندو آهي جهڙي طرح بٺي لوهہ جو زنگ صاف ڪر ي ڇڏيندي آهي.[1]

## شفاعت جو پَروانو

(2) جيڪو شَخص منهنجي(قبر جي) زِيارَت جي لاءِ آيو ۽ منهنجي زِيارَت کان سِواءِ اُن جو ڪو مَقصَد نہ هجي تہ مون تي حق آهي تہ آئون قِيامت

---

[1] …مسلم، كتاب الحج،باب المدينہ تنفى شرارها ، ص٧١٧، حديث:١٣٨٢

جي ڏينهن اُن جي شفاعت ڪريان.[1]

## منهنجي قَبر جي زيارت ڪرڻ منهنجي ئي زيارت ڪرڻ آهي

(3) مَنْ حَجَّ فَزَارَ قَبْرِيْ بَعْدَ وَفَاتِيْ فَكَاَنَّمَا زَارَنِيْ فِيْ حَيَاتِيْ جنهن منهنجي وَفاتِ ظاهري کان بعد حج ڪيو پوءِ منهنجي قَبرِ مبارڪ جي زِيارَت ڪئي ڄڻ تہ اُن منهنجي حياتيءَ ۾ منهنجي زِيارَت ڪئي.[2]

## زيارتِ رَوضہءِ اَقدَس جا ڏهه (10) فائدا

مُبَلِّغِ اِسْلَام شيخ شُعَيب حَرِيفِيش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِرشاد فرمائن ٿا: سرڪارِ مدينہ، سُرورِ قلب و سِينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قَبرِ اَقدَس جي زِيارَت ڪرڻ واري جي لاءِ ڏهہ (10) ڪرامتون يعني عزّتون آهن: (١) ان جو بُلند مَرتَبو ٿيندو(٢) مَقصَد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو(٣) اُن جي حاجت پُوري ٿيندي (۴) اُن کي عَطِيات خَرچ ڪرڻ جي تَوفيق مِلندي (۵) اهو هلاڪت ۽ بَربادي کان اَمن ۾ رهندو (٦) عيبن ۽ خامين کان پاڪ ٿيندو(٧) اُن جي مُشڪلاتون آسان ٿينديون (٨) حادِثن کان اُن جي حِفاظت ٿيندي (٩) اُن کي آخِرَت ۾ سٺو بَدلو ملندو ۽ (١٠) مَشرِق ۽ مَغرِب جي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت ملندي.[3]

يارَبّ! تيرے محبوب کا جلوہ نظر آئے　　اُس نُورِ مُجَسَّم کا سَراپا نظر آئے
اے کاش! کبھی ایسا بھی ہو خواب میں میرے　　ہُوں جس کی غُلامی میں وہ آقا نظر آئے

---

[1]…معجم كبير ،سالم عن ابنِ عمر، ٢٢٥/١٢،حديث:١٣١٤٩

[2]…دارِقُطنی،کتاب الحج ،باب المواقيت، ٣٥١/٢، حديث:٢٦٦٧

[3]…الروض الفائق،المجلس الثانى والخمسون:فى زيارة النبى،ص٣٠٨-٣٠٧ ملخصاً



www.dawateislami.net

تابندہ مُقدّر کا سِتارہ نظر آئے جب آنکھ کُھلے گُنبدِ خَضرا نظر آئے
جس در کا بنایا ہے گدا مجھ کو الٰہی اُس دَر پہ کبھی کاش! یہ منگتا نظر آئے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ مَدِينہء مُنَوَّرہ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي حاضِري ڪيتري قدَر باعِثِ سعادت آهي تہ اِن جي بَرَڪت سان گُناھ ڌوپجي ويندا آهن، حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شَفاعت نصيب ٿيندي آهي ۽ سڀ کان وڏي اها سعادت تہ جنهن خُوش نصيب کي قَبرِ اَنور جي زِيارَت نصيب ٿي وڃي تو اهو اهڙو آهي جيئن ان کي خُود حُضورِ اَڪرم،نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زِيارَت نصيب ٿي وئي، بَهرحال اسان کي مديني جي ياد ۾ هر وقت تڙپندي پنهنجي حاضِري جو مُنتَظِر رهڻ گهرجي ۽ صلوٰة و سلام جي ڪثرت ڪرڻ سان گڏوگڏ هر سال حج جي پُر بَهار موسم ۾ عازِمينِ حج و زائرينِ مدينہ جي ذريعي خُصوصي طور تي پنهنجو سلام، بارگاهِ خَيرُ الاَنام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ پهچائڻ گهرجي.

## سلام موڪلڻ واري کي سلام جو جواب

نبي اَڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: جيڪو مون کي سلام موڪليندو آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي رُوح کي مون ۾ موٽائي ڇڏيندو آهي ايستائين جو آئون اُن جي سلام جو جواب ڏيندو آهيان .[1]

[1] ...ابو داود،كتاب المناسک،باب زيارة القبور،٢/٣١٥،حديث:٢٠٤١



www.dawateislami.net

مُفَسّرِ شَهِير، حڪيمُ الاُمَّت مفتي اَحمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ان حديثِ پاڪ جي تَحت فرمائن ٿا تہ اتي رُوح مان مراد تَوَجّھ آھي نہ ڪي اھا جان جنهن سان زندگي قائم آھي، حُضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تہ بَحَياتِ دائِمي (هميشہ جي زندگي سان گڏ) زنده آهن. اِن حديث جو هي مطلب ناهي تہ آئون هونئن تہ بي جان رهندو آهيان ڪنهن جي دُرود پڙهڻ تي زِنده ٿي ڪري جواب ڏيندو رهندو آهيان ائين تہ هر وقت حُضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي لکين دُرود پڙهيا ويندا آهن تہ لازم ايندو تہ هر وقت لکين ڀيرا پاڻ سڳورا (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي رُوح نڪرندي ۽ داخِل ٿيندي رهي. خيال رهي تہ حُضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هڪ وقت ۾ بي شمار دُرود خوانن جي طرف يڪسان(برابر) تَوَجّھ رکندا آهن، سيني جي سلام جو جواب ڏيندا آهن جيئن سج هڪ ئي وقت سجي جهان تي تَوَجّھ ڪري وٺندو آھي، ايئن (ئي) آسمانِ نُبُوَّت جا سج هڪ وقت ۾ سيني جو دُرود ۽ سَلام  ٻُڌي بہ وٺندا آهن ۽ اُن جو جواب بہ ڏيندا آهن، پر اِن ۾ سرڪار (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي ڪا تڪليف بہ مَحسوس نہ ٿيندي آھي، ڇو نہ هجي جو مَظهرِ ذاتِ ڪبريا آهن، (جهڙي طرح) رَبّ تعاليٰ هڪ ئي وقت سيني جون دُعائون ٻُڌندو آھي (اهڙي طرح ئي اُن جا مَحبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُن جي عطا سان هڪ ئي وقت ۾ بي شُمار عاشقن جا دُرود ۽ سلام ٻُڌندا آهن.)[1]

صَـلُّـوۡا عَـلَى الۡـحَـبِـيۡـب!    صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اڇو تہ! هاڻي حاضِري مدينہ ۽ سفرِ مدينہ جي متعلق بُزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الۡمُبِين جا ڪجھ اِيمان اَفروز واقعا ۽ اُن مان حاصِل ٿيڻ وارا مَدَني گُل ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. جيئن تہ،

---

[1] ...مرآة المناجيح۲/۱۰۱



www.dawateislami.net

# صحابي رسول جو عقيدو

مَروَان پنهنجي زمانہء تَسَلُّط (زمانہء حکومت) ۾ هڪ ڏينهن ڪيڏانهن وڃي رهيو هو تہ اُن ڪنهن شَخص کي ڏٺو تہ اهو حُضور سَيدُ المُرسَلِين، رَحمَة لّلعَالَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قَبر ِاَنور تي پنهنجو چهرو رکي وينو هو. مَروَان چيو: ڇا توکي معلوم آهي تہ تون ڇا ڪري رهيو آهين؟ جڏهن اُهي مَروَان جي طرف مُتَوَجّهہ ٿيا تہ معلوم ٿيو تہ اهي حضرتِ سَيدُنا ابُو اَيُوب اَنصَاري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ آهن،اُنهن فرمايو: ها، آئون ڪنهن پٿر جي وٽ نہ آيو آهيان، آئون تہ رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حُضُور حاضِر ٿيو آهيان مون رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌو آهي تہ دِين تي اُن وقت لڙڪ نہ وهائجان جڏهن اُن جي ذِمَّه داري لائِق ۽ اَهل وٽ هجي، دِين تي اُن وقت لڙڪ وهائجان جڏهن اُن جي ذِمَّه داري نالائق ۽ نااَهل وٽ هجي.[1]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اِن واقعي مان معلوم ٿيو تہ صَحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بي پناهہ مَحبَّت ڪندا هئا ۽ اُنهن جو هي عقيدو هو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي قَبرِ اَنور ۾ زِندهہ آهن، اهو ئي سبب آهي تہ حضرت سَيدُنا ابُو ايوب اَنصاري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن مَروَان کي بلڪل سڌو جواب ڏنو تہ آئون ڪنهن پٿر وٽ نہ آيو آهيان جيڪو بي جان هوندو آهي نہ ٻڌي سگهندو آهي نہ ڳالهائي سگهندو آهي بلڪ آئون تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لَبِيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ حاضِر ٿيو آهيان جيڪي اڄ بہ پنهنجي قَبرِ اَنور ۾ حَياتِ باڪمال سان گڏ مُتَّصِف آهن، تنهنڪري اسان کي بہ شيطاني

---

[1] ...مسند احمد،حديث ابی ايوب الانصاری،۹/۱۴۸،حديث:۲۳۶۴۶



www.dawateislami.net

وَسوَسن کان بچندي اِنهيءَ عقيدي تي ثابِت قدم رهڻ گهرجي تہ نہ صِرف سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بلڪ تمام اَنبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام پنهنجي قبرن ۾ زنده آهن جيئن تہ: رَحمتِ عالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اِرشادِ حقيقت بنياد آهي: ”اَلْاَنْبِيَاءُ اَحيَاءٌ فِيْ قُبُوْرِهِمْ يُصَلُّوْنَ يعني انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام پنهنجي قبرن ۾ زِنده آهن (۽) نمازون (بہ) ادا فرمائن ٿا.“ [1] هڪ ٻئي حديثِ پاڪ ۾ اِرشاد فرمايو: اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ عَلَي الْاَرْضِ اَنْ تَـاْكُلَ اَجْسَادَ الْاَنْبِيَاءِ فَنَبِيُّ اللّٰهِ حَيٌّ يُّرْزَقُ يعني بي شڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي جسمن کي کائڻ زمين تي حرام ڪري ڇڏيو آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نبي زِنده آهن، روزي ڏني ويندي آهي.[2]

تُو زِندہ ہے واللّٰہ تُو زِندہ ہے واللّٰہ
مِرے چشمِ عالَم سے چھُپ جانے والے (حدائقِ بخشش ص158)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وقت جي قطب حضرت سيد اَحمد ڪبير رِفاعي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو سفرِ مدينہ

اِمامُ العارِفين، غَوثِ زَمان حضرت سَيد احمد ڪبيرِ رفاعي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جڏهن حج کان فارِغ ٿي ڪري مَدِينَۂ مُنَوَّرَه (زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا) روضۂ اَنور تي حاضِر ٿيا تہ عَرَبي ۾ هي بہ اشعار پڙهيا:

---

[1] ...مسند ابی یعلٰی،مسند انس بن مالک، ۲۱۶/۳،حدیث:۳۴۱۲

[2] ...ابن ماجہ، کتاب الجنائز، باب: ذکر وفاتہ ودفنہ ، ۲۹۱/۲،حدیث: ۱۶۳۷



www.dawateislami.net

فِيْ حَالَةِ الْبُعْدِ رُوْحِيْ كُنْتُ اُرْسِلُهَا　　تُقَبِّلُ الْاَرْضَ عَنِّيْ فَهِيَ نَائِبَتِيْ

وَهٰذِهٖ دَوْلَةُ الْاَشْبَاحِ قَدْ حَضَرَتْ　　فَامْدُدْ يَمِيْنَكَ كَيْ تَحْظٰى بِهَا شَفَتِيْ

”يعني وچوڙي جي حالت ۾، آئون پنهنجي رُوح کي خِدمتِ اَقدَس ۾ موڪليندو هئس تہ اها منهنجي نائب بڻجي ڪري آستانہءِ مُبارَڪ کي چومندي هئي ۽ هاڻي بدن سان گڏ حاضِر ٿي ڪري مِلڻ جو موقعو آيو آهي تہ پنهنجو دَستِ مُبارَڪ ڏِگهو فرمايو تہ جيئن منهنجا چپ دَست بوسي جو شَرَف حاصِل ڪري سگهن.“جيئن ئي اهي اشعار خَتم ٿيا قَبرِ مُنَوَّر کان دسْتِ مُبارَڪ ظاهر ٿيو ۽ اوهان رَحْمَةُ اللهِ تعالیٰ علیہ جن دَسْت بوسي جي سَعادت حاصل ڪر ي ورتي.[1]

اہ کیا جُود و کَرَم ہے شہِ بَطحا تیرا　　”نہیں“ سُنتا ہی نہیں مانگنے والا تیرا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اسان جا اَڪابِر ۽ بُزُرگانِ رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن مديني جي حاضِري جي لاءِ ڏاڍا بي چين رهندا هئا جيئن تہ اِمامُ العارِفين حضرت سَيد اَحمد ڪبير رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي باري ۾ اسان پڙهو تہ اُنهن تي يادِ طيبہ ۽ عشقِ رسول جو غَلَبو رهندو هو بلڪ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عشق جي تسڪين جي خاطر جسماني طور تي نہ سهي پر رُوحاني طور تي پياري آقاء مڪي مَدَني مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دَرِ اقدس جي چائنٺ کي چُمي ايندا هئاء پر اِن جي باوُجود پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جِسم ۽ رُوح سان گڏ مَحبوب جي ديس کان سَڏ جا مُنتَظِر رهندا هئا. پوءِ جڏهن اُنهن جي قسمت چمڪي، اِنتِظار جي گهڙيون ختم ٿيون ۽ بارگاهِ رسالت کان

---

[1] ...الحاوی للفتاوی،کتاب البعث،تنویر الحلک فی امکان رؤیة النبی والملک،۲/۳۱۴



www.dawateislami.net

اُنهن کي سَڏ آيو تہ جِسم ۽ رُوح سان گڏ مديني جي طرف روانہ ٿيا ۽ آستانہء عاليہ ۾ پهچي کري عقيدت سان ڀرپور اَشعار بارگاهِ اَقدَس ۾ هديةً پيش ڪيا، ڪرم تي ڪرم اهو ٿيو تہ بارگاهِ رِسالت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ عاشقِ زار جا اَشعار قَبولِيت جو دَرَجو حاصِل ڪري ويا، رَحمتِ مُصطَفٰي کي جوش آيو ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن قَبرِ اَنور مان پنهنجو دَستِ اَطهر ٻاهر ڪڍي ڪري پنهنجي سچّي عاشق جي دَست بوسي جي پُراڻي خواهش کي هٿو هٿ پُورو فرمائي ڇڏيو.

لب وا ہیں آنکھیں بند ہیں پھیلی ہیں جھولیاں کتنے مزے کی بھیک ترے پاک در کی ہے

منگتا کا ہاتھ اٹھتے ہی داتا کی دَین تھی دُوری قبول و عرض میں بس ہاتھ بھر کی ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# اَمِيرِ مِلّت جو سفرِ مدينہ

پنجاب (پاڪستان) جي مشهور عاشقِ رسول بُزُرگ اَمِيرِ مِلّت حضرت مَولانا پِير سَيّد جَماعت علي شاه مُحَدِّث عَلي پُوري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه هڪ پيري مَدِينہء مُنَوَّره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ويا تہ اُنهن جي ڪنهن مُريد مَدِينہء مُنَوَّره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي هڪ ڪتّي کي اِتّفاقًا پٿر هڻي ڇڏيو جنهن جي ڏک سان ڪتّي رڙيون ڪيون، حضرت اَمِيرِ مِلّت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه کي ڪنهن ٻڌائي ڇڏيو تہ توهان جي فُلان مُريد مديني شريف جي هڪ ڪتّي کي ماريو آهي. اهو ٻُڌي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه بي چين ٿي ويا ۽ پنهنجن مُريدن کي حُڪم ڏنو تہ فوراً اُن ڪتّي کي تلاش ڪري هتي آڻيو جيئن تہ ڪتّو آندو ويو، حضرت اَمِيرِ مِلّت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه اٿيا ۽ روئيندي اُن ڪتّي سان مُخاطِب ٿي ڪري چوڻ لڳا: اي حبيب جي ديس ۾ رهڻ



www.dawateislami.net

وارا! لِلّٰه (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي واسِطي) منهنجي مُريد جي اِن لَغزِش (غَلَطي) کي مُعاف ڪري ڇڏ. پوءِ پُگل گوشت اُن کي ڪارايو ۽ کير گهرائي پياريو، پوءِ اُن کي چيو: جماعت علي شاهہ توکان مُعافي چاهيان ٿو، خُدارا! اِن کي مُعاف ڪري ڇڏجان.[1]

صَــلُّـوْا عَــلَـى الْـحَـبِـيْـب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان مُلاحَظہ فرمايو تہ اسان جي بُزُرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن مدينہء مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا جي جانورن سان بہ ڪيتري قدَر مَحبَّت فرمائيندا هئا، اُنهن کي هرگز هي گوارا (منظور) نہ هو تہ ڪو مَحبوب جي وطن جي ڪتّن سان بہ نامُناسِب سُلوڪ ڪري ۽ انهن کي اَذِيت پهچائي. اهو ئي سبب هو تہ اَمِيرِ مِلّت پير سيد جماعت علي شاهہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي جيئن ئي هي معلوم ٿيو تہ منهنجي ڪنهن مُريد اِن مُقدَّس شهر جي هڪ ڪتّي کي پٿر هنيو آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو چين ۽ قرار ويندو رهيو، بي قَراري جي عالَم ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فوراً حُڪم صَادِر (جاري) فرمايو تہ ڪنهن بہ صُورت ۾ اُن ڪتّي کي ڳولهي اچو ۽ مون وٽ آڻيو جيئن تہ جڏهن اُن ڪُتّي کي آندو ويو تہ ڏسڻ وارن ڏٺو تہ زماني جي مشهورِ عاشقِ رسول، لکين مريدن جي پيشوا ۽ هڪ وليءِ ڪامِل جن ڳريہ و زاري ڪندي اُن ڪتّي کان نہ صِرف پنهنجي مُريد جي لَغزِش(غَلَطي) جي مُعافي گهُري بلڪ بهترين غِذائن سان اُن جي خَير خواهي ۽ دِلجُوئي بہ فرمائي اجان بہ جڏهن دل مُطمَئِن نہ ٿيو

[1] ... سنّی علماء کی حکایات نمبر:۳۷، ص ۲۱۱ملخصاً



www.dawateislami.net

تو هڪ پيرو وري اُن ڪان مُعافي جي درخواست ڪرڻ لڳا.

## وسوسو

ممڪن آهي تہ ڪنهن جي ذِهن ۾ هي وَسوَسَو اچي تہ ڪتّو تہ بَظاهر هڪ معمولي جانور آهي، تنهنڪري اُن سان اُهڙي طرح جو سُلوڪ ڪرڻ ۽ اُن جي اڳيان عاجزي ڪندي مُعافي گهُرڻ هڪ ڪامِل ولي کي ۽ اهو بہ سفرِ مدينہ جهڙي پاڪيزه ۽ مُقدَّس لَمحن جي مَوقعي تي هرگز هرگز زيب نہ ٿو ڏئي.

## وسوسي جو جواب

ياد رکو! ڪتّو جڏهن تہ بَظاهر هڪ معمولي جانور آهي پر اُن کي يا ڪنهن بہ جانور کي بي سَبب مارڻ مَنع آهي جيئن تہ **دعوتِ اسلامي** جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ 1197 صفحن تي مُشْتَمِل ڪتاب ”**بهارِ شريعت**“ جِلد 3صَفحي 660 تي آهي: ”**بي سبب جانور کي نہ ماري ۽ متي يا ڇهري تي ڪنهن بہ حالت ۾ هرگز نہ ماري تہ هي بِالاِجماع ناجائز آهي.**“ باقي رهيو هڪ ڪامِل ولي جو هڪ ڪتّي سان چڱو سُلوڪ ڪرڻ، تہ هتي هي ڳالھ ذِهن نَشِين رکڻ نِهايت ضروري آهي تہ جڏهن ڪنهن معمولي شيء کي ڪنهن نبي، ولي يا ڪنهن مُقدَّس شيء جي صُحبت يا اُن سان نِسبت حاصِل ٿي ويندي آهي تہ اُن صُحبت ۽ نِسبَت جي بَرَڪت سان اها معمولي شيء معمولي ناهي رهندي بلڪ غير معمولي، اَهَم ۽ اَنمول ٿي ويندي آهي جيئن تہ **قِطمِير** جڏهن تہ سگِ اَصحابِ ڪهف (يعني اَصحابِ ڪَهف جو ڪتّو) هو پر الله وارن جي صُحبت ۽ نِسبت جي بَدولَت ، اَهميت حاصِل ڪري ويو ڳَڻوڳَڻ اِن جي بِنا تي قرآنِ ڪريم ۾ اُن جو تَذڪرو بہ مَوجود آهي ۽



www.dawateislami.net

اهو جنّت ۾ به ويندو جيئن ته مُفَسّرِ شَهِير،حڪيمُ الاُمَّت مفتي اَحمد يار خان رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تَحرير فرمائن ٿا: ڪجھ جانور جنّت ۾ ويندا، حُضور (عَلَيْهِ السَّلَام) جي ڏاچي قَصواء، اَصحابِ ڪهف جو ڪتّو، حضرت صالِح عَلَيْهِ السَّلَام جي ڏاچي (۽) حضرت عيسٰي(عَلَيْهِ السَّلَام) جو دراز گوش (يعني گڏھ.)[1]

تنهنڪري جنهن ڪتّي کي اَمِيرِ مِلَّت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مُريد پٿر هنيو هو اهو به ڪو عام ڪتّو نه هو بلڪ اُن کي حبيبِ ڪبرِيا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري شهر مدينهء مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعظِيْمًا سان نِسبت حاصِل هئي اهو مَحبوب جي وطن جي گهٽين سان تَعلُّق رکڻ وارو هو، اِنهي سبب جي ڪري اَمِيرِ مِلَّت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اُن ڪتي جو اَدَب ۽ اِحتِرام بَجا آندائون ۽ اُن کان مُعافي جا طَلَبْگار ٿيا، بَهرحال هي عشق ۽ مَحَبَّت جون ڳالهيون آهن ۽ عشق ۽ مَحَبَّت وارا ئي اِن کي سمجهي سگهن ٿا.

آپ کی گلیوں کے کُتّوں پہ تَصَدُّق جاؤں | کہ مدینے کے وہ کُوچوں میں پھرا کرتے ہیں
آپ کی گلیوں کے کُتّے مجھ سے تو اچّھے رہے | ہے سُکوں اُن کو مُیَسَّر سبز گُنبد دیکھ کر

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اي دَرد تنهنجي جڳھ منهنجي دل ۾ آهي

مُفَسّرِشَهِير،حڪيمُ الاُمَّت مفتي اَحمد يار خان رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن ١٣٩٠ھ ۾حج ۽ زِيارَت جي سَعادَت حاصِل ڪئي،اِنهي متعلق سفرِ مدينه جو هڪ اِيمان اَفروز واقِعو بَيان ڪندي فرمائن ٿا: آئون مدينهء مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعظِيْمًا ۾ تِرڪي ڪِري پيس، ساڄي هٿ جي ڪرائي جي هڏي ٽٽي وئي،

---

[1] ...مرآة المناجيح،٧/٥٠١



www.dawateislami.net

سور وڏيو تہ مون اُن کي چمي کري چيو: **اي مديني جا دردا! تنهنجي جڳهہ منهنجي دل ۾ آهي ٿون تہ مونکي محبوب جي دروازي کان مِليو آهين.**

ترا دَرد میرا دَرماں ترا غم مِری خوشی ہے    مجھے دَرد دینے والے تری بندہ پَروَری ہے

(فرمائن ٿا تہ) سُور تہ اُن وَقت کان غائب ٿي ويو پر هٿ کم نہ کندو هو، سترنهن (17) ڏينهن کان پوءِ مُسْتَشفٰي مَلِڪ يعني شاهي اَسپتال ۾ ايڪسري ڪيو تہ هڏي جا ٻہ ٽڪرا آيا، جنهن ۾ ٿورو فاصلو آهي پر اسان عِلاج نہ ڪرايو ،پوءِ آهِستہ آهستہ هٿ ڪم بہ ڪرڻ لڳو، مدينہءِ مُنَوَّرَہ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا جي اُن اَسْپتال جي ڊاڪٽر محمد اسمٰعيل چيو تہ هي خاص ڪرِشمَو ٿيو تہ هي هٿ طِبّي لِحاظ کان حَرَڪت بہ نہ ٿو ڪري سگهي، اهو ايڪسري(X-Ray) مون وٽ آهي، هڏي اجا ٽائين ٽُٽل آهي، اِن ٽٽل هٿ سان تفسير لکي رهيو آهيان، مون پنهنجي ان ٽٽل هٿ جو عِلاج صِرف هي ڪيو تہ آستانہءِ عَالِيہ تي بيهي ڪري عرض ڪيو تہ حُضور! منهنجو هٿ ٽٽي ويو آهي، اي عبدُاللّٰه بن عَتِيڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي ٽٽل ٽنگ جي پنڊلي (پني) جوڙڻ وارا ! اي مُعَاذ بن عَفرَاء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي ٽُٽَل ٻانهن جوڙڻ وارا! منهنجو ٽٽل هٿ بہ جوڙي ڇڏيو.[1]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!    صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...تفسيرِ نعيمی،٩/ ٣٨٨



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان تہ اسان جي بُزُرگانِ دِين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جو ڪهڙو مَدَني ذِهن هوندو هو تہ مدينہء مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ پيش اچڻ وارين تڪليفن ۽ مصيبتن کي نہ صِرف خوشي خوشي برداشت ڪندا هئا بلڪ ان کي پنهنجي لاءِ باعِثِ سَعادَت تصوُّر ڪندا هئا جيئن تہ بَيان ڪيل واقعي مان صاف ظاهر آهي تہ مفتي صاحِب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪرائي جي هڏي ٽٽي وئي پر اوهان جي صَبر و اِستِقلال ۽ سعادت مَندي جو هي حال هو تہ روئڻ پٽڻ ۽ واويلا ڪرڻ جي بجائي اُن جي سبب ٿيڻ واري سُور کي پنهنجي لاءِ تَمغو (اِنعامي عَلامت) سمجهندي قَبول ڪري ورتو جو هي تہ منهنجي لاءِ نبي جي وطن جي هڪ بهترين سوغات آهي. بَهرحال هي اُنهي مُبارَڪ هستين جي خصوصيت هئي جو انهن کي راهِ مدينہ جو ڪنڊو بہ گُل مَحسوس ٿيندو هو، اي ڪاش! اسان کي بہ اِن بُزرگن جو صَدَقو نصيب ٿي وڃي ۽ اي ڪاش! اسان کي بہ جڏهن مديني جو ارادو ڪريون تہ سفرِ مدينہ جون خُوب خُوب بَرَڪتون حاصل ڪريون ۽ اِنهي دَوران مدينہء مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۽ مَڪينِ گُنبدِ خضراء صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت ۾ اِيتري قدَر فَنا ٿي وڃون جو اِن راهِ ۾ اچڻ وارين مَصيبتون ۽ تڪليفون اسان جي لاءِ نہ صِرف رَاحت ۽ اِطمينان جو ذريعو ٿين بلڪ غمِ دنيا ۽ غمِ مال کان نَجات ۽ اسان جي گُناهن جي بخشش جو سبب بڻجي وڃن.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو تہ! هاڻي شيخِ طريقت، اَميرِ اَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي



www.dawateislami.net

دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي سفرِ مدينہ جي پُر ڪيف ۽ نِرالي انداز جي باري ۾ پڙهون ٿا ته اسان کي اهو يقين ٿي ويندو ته اهي ته عشقِ رسول جي اهڙي دَرَجي تي فائز آهن جو جنهن جي سبب پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو شُمار به عاشقانِ رسول جي صفِ اوّل ۾ ٿئي ٿو، اَمِيرِ اَهلسنّت جي سفرِ مدينہ جا اَحوال پڙهي ڪري يقينًا اسان کي گهڻو ڪجهه سکڻ جي لاءِ ملندو.

## اَمِيرِ اَهلسُنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو سفرِ مدينہ

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي ڪيئي ڀيرا سَفَرِ حج ۽ سَفَرِ مدينہ جي سعادت حاصِل ٿي، جن ۾ مجموعي طور تي جيڪا ڪيفيت رهي اُن کي ڪَمَا حَقُّهٗ ته بَيان نہ ٿو ڪري سگهجي البَت سندن جي هڪ سَفَرِ مدينہ جي مُختَصَر اَحوال پڙهون ٿا جيئن ته جڏهن مدينہء پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيمًا جي طرف سندن جي روانگي جي مبارَڪ گهڙي آئي ته ايئرپورٽ تي عاشقانِ رسول جو هڪ جَمِّ غَفِير (تمام وڏو هُجوم) اوهان کي اَلوَداع ڪرڻ جي لاءِ مَوجود هو، مديني جي ديوانن اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي جُهرمَٽ (حلقي) ۾ وٺي ڪري نعتون پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيون. سوز ۽ گُداز سان ڀرپور نعتن سان عاشقن جي عشق جي باهه کي مزيد ڀڙڪائي ڇڏيو. غمِ مدينہ ۾ اُٿڻ وارين آهُن ۽ سُڏڪن سان فضا مزيد سوڳوار ٿي رهي هئي، خود عاشقِ مدينہ، اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪيفيت وڏي عجيب هئي. پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي اکين کان لڙڪن جي قطار لڳل هئي ۽ پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي اِن اَشعار جا مِصداق نَظر اچي رهيا هئا.

آنسوؤں کی لَڑی بن رہی ہو اور آہوں سے پَھٹتا ہو سینہ
وِردِ لَب ہو مدینہ مدینہ جب چلے سُوئے طیبہ سفینہ



www.dawateislami.net

عشق ۽ اُلفت جو هي نِرالو انداز هر هڪ جي سمجهہ ۾ تہ اچي نہ ٿو سگهي ڇو جو طيبہ جي حاضِري جي لاءِ وڃڻ وارا تہ عام طور تي ڪلنديءِ مبارڪون وُصول ڪندي ويندا آهن. اهڙن زائرينِ مدينہ جو پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي هڪ ڪلام ۾ هِن طرح مَدَني ذِهن ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

ارے زائرِمدینہ! تُو خوشی سے ہنس رہا ہے! دلِ غمزدہ جو پاتا تو کچھ اَور بات ہوتی

آخر ڪار انهي حالت (مديني جي خيال ۾ گُم ٿي وڃڻ) جي عالَم ۾ سفرِ مدينہ جو آغاز ٿيوءِ جيئن جيئن منزل قريب ايندي وئي ، پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي عِشقَ جي شدت بہ وڌندي رهيءِ اُن پاڪ سرزمين تي پهچندي ئي توهان جُوتا لاهي ورتا. اَللّٰه! اَللّٰه! عشقِ رسول جي مزاج جي ايتري قدر سڃاڻپ رکڻ وارا تہ خود ئي ڪلام ۾ فرمائن ٿا:

پاؤں میں جُوتا ارے محبوب کا کُوچہ ہے یہ ہوش کر تُو ہوش کر غافل! مدینہ آگیا

اَميرِ اَهلِسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اُن پاڪ سَرزمين جي آداب جو ايتري قدَر خيال رکندا هئا جو ١٤٠٦ھ جي حج جي سَفَر ۾ پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي طبيعت ناساز ٿي. سَخت نزلو ٿي ويوءِ نڪ مان شِدّت سان پاڻي وهي رهيو هو. اِن جي باوُجود پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جن ڪڏهن بہ مدينۂ پاڪ جي سَرزمين تي نڪ صاف نہ ڪيوءِ بلڪ پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي هر ادا مان ادب ظاهر ٿيندو هو. جيستائين مدينۂ مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا ۾ رهيا جيتري قدر ٿي سگهيو گُنبدِخضرا کي پُٺ نہ ٿيڻ ڏني.

مدینہ اس لئے عطّاؔر جان ودل سے ہے پیارا کہ رہتے ہیں مرے آقا مرے دِلبر مدینے میں

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! دَردِ مدينہ تہ ڪو عاشقِ مدينہ، اَميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان سکي جو جڏهن پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مديني شريف کان پَري هوندا آهن، اُن وَقت بہ اوهان جي زبان تي هر وقت ذِڪرِ مدينہ و ذِڪرِ شاهِ مدينہ جاري رهندو آهي، پر جڏهن بي چين دِلين جي چين، رَحمتِ دارَين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ کان اوهان کي سَفرِ مدينہ جي خوشخبري مِلندي آهي تہ سندن جي دل جي دُنيا زَير و زَبر ٿي ويندي آهي، لڙڪن جو تميل طُوفان اکين جي ذريعي نڪري ايندو آهي ۽ جڻ تہ پاڻ اِن اَشعار جي عَمَلي تصوير بڻجي ويندا آهن:

مدینے کا سَفَر ہے اور میں نَمدیدہ نَمدیدہ　　جَبیں اَفسُردہ اَفسُردہ بدن لَرزیدہ لَرزیدہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ عاشقِ مدينہ، اَميرِاَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي صَدَقي غمِ مدينہ جي لازوال دَولَت سان سَرفَراز فرمائي ۽ بار بار پنهنجي مرشِدِ ڪريم سان گڏ سَفرِ مدينہ جي سعادت ۽ مدينہ مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا جي باادَب حاضِري نصيب فرمائي.　　اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِن ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ مدينہ مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا ۾ رَوضہ رسول جي رُوبَرُو سَلام پيش ڪرڻ تمام وڏي سعادت آهي. اي ڪاش! اسان جي زِندگي ۾ بہ اهي مُبارَڪ گهڙيون اچن پر اهو بہ ياد رکو تہ جنهن کي اِن دَر جي حاضِري نصيب ٿئي اُن جي لاءِ ضروري آهي تہ اِن بارگاهِ عالي جي آداب جو خاص خيال رکي، جو جو ٿوري بي اِحتياطي سَخت مَحرومي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. اچو تہ! هاڻي خليفہ اعليٰ حضرت، صدرالشريعہ، بدرالطريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي لکيل عظيم الشان ۽ مايہ ناز ڪتاب "**بهارِ**



www.dawateislami.net

**شريعت**" جي روشني ۾ سَفرِ مدينہ ۽ رَوضَہء اَقْدَس جي حاضِري جا ڪجھ آداب ٻُڌون ٿا. جيئن تہ،

## حاضري بارگاھ جي آداب

صَدرُالشَّريعہ، بَدْرُالطَّريقہ حضرت علّامه مَولانا مفتي محمد امجد علي اَعْظَمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه رَوضَہء رسول جي حاضِري جي آداب بيان ڪندي فرمائن ٿا:۞ حاضِري ۾ خالص زِيارتِ اَقدَس جي نِيّت ڪريو۞ حج جيڪڏهن فرض هجي تہ حج ڪري مدينہء طَيبَہ حاضِر ٿيو. ها! جيڪڏهن مدينہء طَيبَہ رستي ۾ هجي تہ بغير زِيارت حج تي وڃڻ سَخت مَحرومي و قَساوتِ قلبي (دل جي سختي) آهي ۽ اِن حاضِري کي قَبولِ حج و سَعادتِ دِيني ۽ دُنيوِي جي لاءِ ذريعو ۽ وسيلو قرار ڏي ۽ جيڪڏهن حج نَفل هجي تہ اِختِيار آهي تہ پهرين حج کان پاڪ صاف ٿي ڪري مَحبوب جي دربار ۾ حاضِر ٿئي يا سرڪار(يعني بارگاهِ مَحبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۾ پهرين حاضِري ڏئي ڪري (اُن حاضِري کي) حج جي مقبولِيت و نُورانيت جي لاءِ وسيلو ڪري ۞ پوري رستي دُرود ۽ ذِڪر شريف ۾ مگن رهي ۽ جيتري قدَر مدينہء طَيبَہ قريب ايندو وڃي، شَوق ۽ ذَوق وڌندو وڃي۞ جڏهن حَرَمِ مدينہ اچي تہ بهتر هي آهي تہ پنڌ ڪريو، روئندي، متو جُهڪائي، اکيون جهڪائي ڪري، دُرود شريف جي اجا ڪثرت ڪريو ۽ ٿي سگهي تہ پيرن اُگهاڙي هلو،

حَرَم کی زمیں اور قدَم رکھ کے چلنا  ارے سَر کا مَوقَع ہے او جانے والے!

۞ جڏهن قُبّہء اَنوَر(يعني نُوراني گُنبذ) تي نِگاھ پوي، دُرود و سلام جي خُوب ڪثرت ڪريو۞ مسجد جي حاضري کان پهرين (اُن) سيني ضَرورِيات کان جيڪي توجہ هٽڻ جو سبب هجن، ان کان جلدي فارغ



www.dawateislami.net

تئي، ان کان سِواءِ ڪنهن بيڪار ڳالھ ۾ مَشغُول نہ تئي فوراً وُضُو ۽ مِسْواڪ ڪري ۽ غُسل بهتر، سفيد پاڪيزه ڪپڙا پائي ۽ نوان هجن تہ بهتر، سُرمو ۽ خُوشْبُو لڳائي ۽ مُشڪ اَفضَل❁ هاڻي فوراً آستانۂ اَقْدَس جي طرف نهايت خُشُوع و خُضُو ع سان مُتَوجّہ تئي، روئڻ نہ اچي تہ روئڻ جهڙي صورت بڻائي ۽ دل کي ڪوشش ڪري روئڻ تي آڻي ۽ پنهنجي سنگ دِلي سان رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف اِلتجا ڪري❁ جڏهن مسجد جي در تي حاضر تئي، صلوٰة وسلام عرض ڪري ائين ٿورو بيهي جيئن سرڪار کان حاضري جي اِجازت گھُري تو، (پوءِ) بِسمِ الله چئي ڪري ساڄو پير پهرين رکي ڪري مڪمل بااَدَب تي ڪري داخِل تئي❁ اُن وقت جيڪو اَدَب ۽ تَعْظِيم فرض آهي هر مسلمان جو دل ڄاڻي تو تہ اکيون، نڪ، ڪن، زبان، هٿ، پير ۽ دل سڀ غير جي خيال کان پاڪ ڪريو، مسجدِ اَقْدَس جي نَقْش و نِگار نہ ڏسو ❁ جيڪڏهن ڪو اهڙو سامهون اچي وجي جنهن سان سلام ڪلام ضرور هجي تہ تو جيستائين تي سگهي ڪترائي، نہ تہ ضرورت کان وڌيڪ نہ وڌو پوءِ بہ دل سرڪار (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ئي طرف هجي، ❁ هرگز هرگز مسجدِ اَقدَس ۾ ڪو لفظ وڏي آواز سان نہ نڪري❁ يقين ڄاڻو تہ حُضُورِ اَقْدَس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سچّي حقيقي دُنياوي جسماني حيات سان ايئن ئي زنده آهن جيئن وفات شريف کان پهرين هئا، انهن جي ۽ سيني انبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مَوت صِرف وعده، خُدا جي تَصْدِيق هڪ گهڙي جي لاءِ هئي.[1] ❁ هاڻي اَدب ۽ شوق ۾ گردن جهُڪائي اکيون جهُڪائي ڪري، لڙڪ وهائيندي ڏڪندي ڪنبدي، گُناهن تي نَدامت کان پاڻي پاڻي ٿيندي، سرڪارِ

---

[1]...بهارِ شريعت،حصہ٦،١/١٢٢٢تا ١٢٢٣ ملتقطاً



www.dawateislami.net

نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فَضۡل ۽ ڪَرَم جي اُمّيد رکندي، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قَدَمينِ شَرِيفَين جي طرف ڪان سنهري جالين جي رُوبَرُو(يعني سامهون) مُوَاجَہ شريف ۾ حاضِر ٿئي تہ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مزارِ پُر اَنوار ۾ رُو بَقِبلہ (رُو بہ قِبلہ يعني قبلي رُخ) جلوہ اَفروز آهن، تنهنڪري مُبارَڪ قَدمن جي طرف ڪان جيڪڏهن توهان حاضِر ٿيندا تہ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نِگاهِ بي ڪس پناه ،براهِ راست توهان جي طرف ٿيندي ۽ اها ڳالھ بيحد (بي حد) ذَوق اَفزا هئڻ سان گڏوگڏ توهان جي لاءِ سَعادتِ دَارَين (يعني دُنيا و آخرت جي سعادت) جو سبب بہ آهي ۞ قِبلي کي پُٺ ڪري گهٽ ۾ گهٽ چار هٿ (يعني بہ گز) پَري نماز وانگر هٿ بَڌي ڪري سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهرهء اَنور جي طرف رُخ ڪري بيهي جو فتاويٰ عَالمگِيري وغيره ۾ اهو ئي اَدَب لکيل آهي تہ يَقِفُ كَمَا يَقِفُ فِي الصَّلَاةِ ۽ يعني سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دَربار ۾ اِن طرح بيهي جهڙي طرح نماز ۾ بيهندا آهيون. ياد رکو! سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مزارِ پُر اَنوار ۾ عين حياتِ ظاهري وانگر زِنده آهن ۽ توهان کي يعني حاضري ڏيڻ واري کي بہ ڏسي رهيا آهن بلڪ توهان جي يعني زائر جي دِل ۾ جيڪي خَيالات اچن پيا اُن تي بہ مُطَّلع (باخبر) آهن. خبردار! جالي مُبارَڪ کي چُمڻ يا هٿ لڳائڻ کان بچو تہ هي خِلافِ اَدَب آهي تہ اسان جا هٿ اِن قابل ئي ناهن جو جالي مُبارَڪ کي ڇُهي سگهن، تنهنڪري چار(4) هٿ (يعني بہ گز) پَري ئي رهو، (ٿورو سوچو تہ) هي شَرَف ڇا گهٽ آهي تہ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن توهان کي يعني زائر کي پنهنجي مُوَاجَہ اَقۡدَس جي ويجهو گهُرايو ۽ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نِگاهِ ڪَرَم هاڻي خُصُوصِيت سان توهان جي (يعني زائرجي) طرف آهي ۞ هاڻي (جڏهن تہ) دل وانگر توهان



www.dawateislami.net

جو (يعني زائرجي) مُنهن بہ ان پاڪ جالي جي طرف ٿي ويو آهي، جيڪو اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي محبوبِ عظيمُ الشّان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آرام گاه آهي، اَدَب ۽ شوق سان گڏ دَرد ڀري آواز ۾ هنن اَلفاظن سان سلام عرض ڪريو:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا خَيْرَ خَلْقِ اللّٰهِ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا شَفِيْعَ الْمُذْنِبِيْنَ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ وَ اُمَّتِكَ اَجْمَعِيْنَ ط [1]

پر خيال رهي تہ سلام عرض ڪندي آواز نہ ايتري بُلند ۽ سخت هجي جو سڀ اَعمال هي ضائع ٿي وڃن ۽ نہ ئي گهڻو آهستہ هجي بلڪ مُعْتَدِل (درمياني) آواز هئڻ گهرجي.[2]

محفوظ سَدا رکھنا شہا! بے اَدَبوں سے اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو[3]

❖ حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کان پنهنجي ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ، پير، اُستاد، اَوْلاد، عزيزن، دوستن ۽ سڀ مسلمانن

---

1...يعني اي نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان تي سلام ۽ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت ۽ برڪتون. اي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان تي سلام . اي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي سڀني مخلوق کان بهتر، توهان تي سلام. اي گُناه گارن جي شَفاعَت ڪرڻ وارا توهان تي سلام. توهان تي، توهان جي آل ۽ اَصحاب تي ۽ توهان جي سڀني اُمَّت تي سلام.

2...بهارِ شريعت ،حصہ ۶،۱/۱۲۲۴-۱۲۲۵،ملتقطاً و مفهوماً

3 ... وسائل بخشش،ص۱۹۳



www.dawateislami.net

جي لاءِ شفاعت گهُرو، بار بار عرض ڪريو: اَسْئَلُكَ الشَّفَاعَةَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ (يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! آئون توهان کان شفاعت گهران ٿو) ❁ پوءِ جيڪڏهن ڪنهن سلام عرض ڪرڻ جي وصيت ڪئي هجي تہ بجا آڻيو. شَرعاً ان جو حڪم آهي ❁ جيستائين مدينہ طَيبہ جي حاضري نصيب ٿئي، هڪ ساهہ بہ بيڪار نہ وڃڻ ڏيو، ضَرورِيات کان سِواءِ اڪثر وقت مسجد شريف ۾ باطَهارت حاضر رهو، نماز ۽ تلاوت ۽ دُرود ۾ وقت گذاريو، دُنيا جي ڳالھ ڪنهن بہ مسجد ۾ نہ ڪرڻ گهرجي نہ ئي صرف هتي❁ مدينہ طَيبہ ۾ روزو نصيب ٿئي، خُصُوصًا گرمي جي ڏينهن ۾ تہ ڇا ئي ڳالھ آهي جو ان تي شفاعت جو واعدو آهي ❁ هتي هڪ نيڪي جون پچاس هزار(50,000) نيڪيون لکيون وينديون آهن، تنهنڪري عبادت ۾ وڌيڪ ڪوشش ڪريو، کائڻ پيئڻ ۾ ڪمي ضرور ڪريو ۽ جيستائين ٿي سگهي تَصَدُّق (صَدَقو)ڪريو ❁ روضہء اَنْور تي نظر عبادت آهي جيئن ڪعبہء مُعَظَّمَہ يا قرآنِ ڪريم کي ڏسڻ، تہ اَدَب سان گهڻو اِن جي ڪثرت ڪريوءِ دُرود ۽ سلام عرض ڪندا رهو ❁ پنجگانہ (ڏينهن ۾ 5 ڀيرا )يا گهٽ ۾ گهٽ صبح ۽ شام مُوَاجَہ شريف ۾ سلام عرض ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيو❁ شهر ۾ چاهي شهر کان ٻاهر جيستائين گُنبذ مُبارَڪ تي نظر پوي، فوراً دَست بَستہ (هٿ ٻَڌي ڪري) ان طرف منهن ڪري صلوٰة و سلام عرض ڪريو، اِن جي بغير هرگز نہ گُذريو تہ خلافِ ادب آهي ❁ قبرِڪريم کي هر گز پُٺ نہ ڪئي وڃي ۽ جيتري قدر ٿي سگهي نماز ۾ بہ اهڙي جڳھ نہ بيهو جو پُٺ ڪرڻي پوي ❁ روضہء اَنور جو نہ طواف ڪريو، نہ سجدو، نہ اُن جي سامهون ايترو جهڪو جو رُڪوع جي برابر ٿئي. رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم اُنهن جي اطاعت ۾ آهي (ءِ روضہء اَنور کي سجدو و طواف ڪرڻ يا اُن جي اڳيان رُڪوع جي حَد تائين جهڪڻ اِطاعتِ رسول



www.dawateislami.net

جي خِلاف آهي). [1]

## ڪتاب”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي سفرِمدينہ ۽ حاضري مدينہ جي مُتَعَلِّق مزيد دلچسپ حِڪايتون ۽ مڪي ۽ مديني جي باري ۾ حيرت انگيز واقعن جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي دل ۾ مديني جي حاضري جي سچّي تڙپ پيدا ڪرڻ جي لاءِ شيخ طريقت، اَمِيرِاَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامه مَولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مُرتَّب ڪيل ڪتاب بنام **”عاشقانِ رسول جون** 130 **حڪايتون ۽ مڪي مديني جون زِيارتون“** جو مُطالعو نهايت مُفِيد آهي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن ان ڪتاب ۾ زائرينِ مدينہ جون **51**، مشهور عاشقِ رسول بُزرگ حضرتِ سَيِدُنا امام مالڪ جي **12**، حاجين جون 42، صالحن جون 6، عُلماءِ اهلسنّت جون 17، جِنّات جون ۽حَيوانات جون 9 حِڪمت سان ڀرپُور حِڪايتون تحرير فرمايون آهن گڏوگڏ اِن کان علاوه بہ اِن ۾ وڌي مَعلُومات فَراهَم ڪئي وئي آهي. توهان سيني اسلامي ڀائرن کي مدني اِلتِجا آهي تہ اِن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ کان هَدِيةً طَلَب فرمائي ڪري نہ صرف خُود اِن جو مُطالعو ڪريو بلڪ حسبِ اِستِطاعت (وس آهر) تعداد ۾ حاصل فرمائي ڪري سفرِ مدينہ جي سعادت حاصل ڪرڻ وارن خُوش نصيبن ۾ ثواب جي نِيت سي مُفت تقسيم بہ فرمايو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net کان ان ڪتاب کي ريڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

---

[1] …بهار شريعت،حصہ ۶،۱/۱۲۲۵تا ۱۲۲۸ملتقطاً بتغير قليل



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان عاشقانِ رسول جي سَفَرِمدينه جي مُتَعَلّق دِل خوش ڪندڙ ۽ دِلرُبا واقعا ٻُڌاسين، اِن واقعن مان جتي هي مَعلُوم ٿيو تہ اسان جا بزرگ دَرِ مَحبُوب جي حاضري جي لاءِ بي چين رهندا هئا، اُتي هي بہ مَعْلُوم ٿيوتہ سبز گُنبد ۽ روضہء اقدس جي زيارت انهن کي پنهنجي زندگي کان بہ وڌيڪ عزيز هئي، اسان جا اڪابر ۽ بُزرگانِ دين کي جڏهن بہ مديني شريف جي حاضري نصيب ٿيندي هئي تہ اهي حضرات، بارگاهِ عالي جو اهڙو اِحترام بجا آڻيندا هئا جو جنهن کي ٻُڌي ڪري عقل دَنگ ٿي ويندا آهن، جيڪڏهن اِن مُبارڪ سَفَر ۾ ڪا تڪليف پيش ايندي هئي تہ اُن کي پنهنجي لاءِ باعثِ سعادت سمجهي ڪري برداشت ڪندا هئا بلڪ اُن دَر کان ملڻ واري دَرد جي دَوا ڪرڻ جي بجائي اُنکي محبوب جي طرف کان مِلڻ وارو عظيم تحفو سمجهندي، محبوب جي بارگاھ بلڪ گلين گهٽين کان نسبت رکڻ وارين مَعمُولي شيء کي بہ نهايت عزّت ۽ مقام ڏيندا هئا، جيڪڏهن پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف کان سڏ ۾ تاخير ٿيندي هئي تہ رُوحاني طور تي دَرِ اَقْدَس کي چُمي ايندا هئا ۽ جڏهن حاضري نصيب ٿيندي هئي تہ ڳوڙها ڳاڙيندڙ اکين سان سَفَرِ مدينہ جي سعادت حاصل ڪندا هئا، ڳڏوڳڏ اُن پاڪ سر زمين تي پهچي ڪري اَدَب جي سبب سُواري تي سُوار ٿيڻ بلڪ چپّل يا جُوتا پائڻ کان بہ گُريز ڪندا هئا. يقيناً اِن واقعن ۾ اسان سيني جي لاءِ ۽ بالخُصوص اُن خُوش نصيبن جي لاءِ بي شُمار مدني گُل آهن جنهن کي عنقريب پياري آقا، مکي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضہء



www.dawateislami.net

اَنُور تي حاضري جي سعادت حاصل ٿيڻ واري آهي، تنهنڪري تمام اسلامي ڀائرن کي گهرجي تہ زندگي ۾ جڏهن بہ مدينہء مُنَوَّره جي حاضري جي سعادت حاصل ٿئي، ان مدني گُلن ۽ بهارِ شريعت جي روشني ۾ بيان ڪيل حاضريِ بارگاهہ جي آداب جو خاص خيال رکون. اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي مُرشد سان گڏ مديني جي بااَدَب حاضري نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلسِ مڪتوبات وتعويذاتِ عطاريہ

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن و سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت تادمِ تحرير 97 کان وڌيڪ شعبا قائم آهن، اِنهن مان هڪ شعبو ”**مجلسِ مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ**“ بہ آهي جيڪو ڏينهن رات پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکايل اُمّت جي غمخواري ڪرڻ ۾ مَصرُوفِ عمل آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ غمخواريِ اُمّت جي خوشبوئن کان لبريز ان مجلس جي طرف کان هر مهيني تقريباً هڪ لک پنجويهہ هزار (1,25,000) بيمارن ۽ پريشان حال ماڻهن ۾ ڪم و بيش 4 لک کان وڌيڪ تعويذات ۽ اورادِ عطّاريہ رِضائي الٰهي جي لاءِ بالڪل مُفت تَقسِيم ڪيا ويندا آهن. ياد رهي! اِن مجلس جي برڪتون فقط ڪنهن مَخصُوص عَلائقي يا شهر تائين ئي مَحْدُود ناهن بلڪ پاڪستان جي سڀني صُوبن جي سوين شهرن ۾ سَوين بستہ لڳايا ويندا آهن گڏوگڏ پاڪستان کان علاوه ٻين مُلڪن ۾ مَثلاً ساؤٿ آفريقا، ڪينيڊا، ماريشس، امريڪہ،



www.dawateislami.net

اسپين، يونان، هانگ ڪانگ، ساؤٿ ڪوريا، آفريقا جي شهر (ممباسا، تنزانيہ، يوگنڊا)، اِنگلينڊ (جي شهر بريڊ فورڊ، برمنگهم)، بنگلاديش ۽ هند ۾ بہ **تعويذاتِ عطاريہ** جي سَوين بستن جي ترڪيب آهي. **مجلسِ مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ** سان وابستہ اسلامي ڀائر ڏُکي اِنسانيت جي خالِصَةً غمخواري ڪندي **دعوتِ اسلامي** جي مدني پيغام کي عام ڪرڻ ۾ مَصْرُوف آهن. اي ڪاش ! اسان سينيءَ کي مدني ڪم ڪرڻ جو جذبو نصيب ٿي وڃي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٻارنهن مدني ڪمن ۾ حصّو وٺو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گُناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ، پنهنجي دل ۾ مڪي مديني جي تڙپ پيدا ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ رهندي عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سَفَر ڪري پنهنجو مَعمُول بڻائي وٺو ڳَڌوڳَڏ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ بہ اڳتي وڌي ڪري حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ هڪ مدني ڪم روزاني ”**صداءِ مدينہ**“ لڳائڻ بہ آهي، **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ نمازِ فَجْر جي لاءِ مسلمانن کي جڳائڻ”**صداءِ مدينہ**“ سڏيو ويندو آهي. نمازِ فَجْر جي لاءِ مُسلمانن کي جڳائڻ عظيم سعادت ۽ حضرتِ سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سُنّت آهي. مَنْقُول آهي تہ اَمِيرُ المؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جيهي عادتِ



www.dawateislami.net

مُبارَڪ هوندي هئي تہ جڏهن نمازِ فجر جي لاءِ پنهنجي گهر کان تشريف وٺي ويندا هئا تہ رستي ۾ ماڻهن کي نماز جي لاءِ جڳائيندي ايندا هئا ڳڙوڳڙ اذانِ فجر جي فوراً بعد جيڪڏهن مسجد ۾ ڪو سُتل هوندو هو تہ اُن کي بہ جڳائيندا هئا.[1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن پنهنجي مُريدن و مُتَعَلِّقِين ومُحِبّين ۾ تمام **دعوتِ اسلامي** وارن کي مدني اِنعامات مان هڪ مدني اِنعام صداءِ مدينہ لڳائڻ جو بہ عطا فرمايو آهي، بي شڪ روزاني سَوين اسلامي ڀائر فجر جي وَقت مُسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جڳائيندا ۾ اَداءِ فاروقي تي عمل ڪندي نيڪين جو ذخيرو جمع ڪندا آهن. اچو تہ انهي متعلق هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## جُواري مزدور تائب ٿي ويو

مهاراشٽر (هند) جي اسلامي ڀائر جي بيان جو لُبِّ لُباب آهي: دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول کان وابستگي کان اڳ آئون مَرَضِ عِصْيان (يعني گُناهن جي بيماري) ۾ اِنتهاءِ درجي تائين مبُتلا ٿي چُڪو هئس. پوري ڏينهن مَزدوري ڪرڻ کان بعد جيڪا رَقَم حاصل ٿيندي، رات جو اُنهي کي مَعَاذَ اللهِ عَزَّوَجَلَّ شراب خريد ڪري خُوب عَياشي ڪندو، شور شرابو ڪندو، گاريون تائين بَڪندو هئس ۽ والدين و ڀاڙي وارن کي گهڻو تنگ ڪندو هئس، اِن کان عِلاوه آئون وڏي درجي جو جُواري ۽ بي نمازي بہ هئس. اِنهي غفلت ۾ منهنجي زندگي جا قيمتي ڏينهن ضائع ٿيندا رهيا آخرڪار منهنجي قسمت جو

---

[1] ...طبقات ڪبریٰ ،ذکر استخلاف عمر،۳/۲۶۳



www.dawateislami.net

سِتارو چمڪيو. ٿيو ايئن تہ خُوش قسمتي سان منهنجي مُلاقات دعوتِ اسلامي جي هڪ ذِمَّه دار اسلامي ڀائر سان ٿي. انهن اِنفرادي ڪوشش ڪندي مونکي مدني قافلي ۾ سَفَر ڪرڻ جي ترغيب ڏياري. مون ڪان اِنڪار نہ ٿي سگهيو ۽ آئون هٿو هٿ 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافِر بڻجي ويس. مدني قافلي ۾ عاشِقانِ رسول جي صحبت ملي ۽ باني دعوتِ اسلامي، شيخِ طريقت، اَميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالا بہ ٻُڌڻ لاءِ مليا. جنهن جي برڪت سان مون جهڙي پڪي بي نمازي، شرابي ۽ جُواري تائِب ٿي ڪري نه صرف نماز پڙهڻ بڻجي ويو بلڪ صداءِ مدينہ لڳائڻ وارو ۽ ٻين کي مدني قافلن جو مسافِر بنائڻ وارو بڻجي ويو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي اِنفرادي ڪوشش سان هاڻي تائين 30 اسلامي ڀائر مدني قافلن جي مسافِر بڻجي چڪا آهن. تحرير لکڻ وقت آئون هڪ مسجد ۾ مؤذِن آهيان ۽ خُوب مدني ڪمن جي ڌُوم مچائي رهيو آهيان.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا

جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## پاڻي پيئڻ جون سُنتون ۽ آداب

اچو تہ! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گُل“ مان پاڻي پيئڻ جون سُنتون ۽ آداب ٻُڌون ٿا. پهرين ﭜ **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ❁ اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نہ پيو، بلڪ ٻہ يا ٽي ڀيرا (ساهہ کڻي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ الله پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لله چوندا ڪريو . (سنن ترمذي ج 3 ص 352 حديث 1892) ❁ نبيِّ اَڪرم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿانوءَ ۾ ساهہ کڻڻ يا ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمايو آهي . (سنن ابي داؤد ج 3 ص 474 حديث 3728) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان هن حديث شريف تحت فرمائن ٿا: ٿانوءَ ۾ ساهہ کڻڻ جانورن جو ڪم آهي، ۽ ساهہ ڪڏهن زهريلو پڻ هوندو آهي انهي ڪري ٿانوءَ مان وات پري ڪري ساهہ کڻو (يعني ساهہ کڻڻ مهل گلاس جدا ڪيو) گرم کير يا چانهہ کي ڦوڪن سان ٿڌو نہ ڪيو بلڪ ڪجهہ دير صبر ڪري ڪجهہ ٿڌي ٿيڻ تي پيئو (مراٰة ج 6 ص 77) البت دُرود پاڪ وغيره پڙهي شِفا جي نيّت سان دم ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي❁ چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ ڀريو، وڏا ڍُڪ ڀَرڻ سان جگر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ❁ پاڻي ٽئي ساهہ ۾ پيئو ❁ ساڄي هٿ سان ۽ ويهي پاڻي پيئو ❁ پيئڻ کان پهرين ڏسو تہ پيئڻ جي ٿانوءَ ۾ ڪا نقصان واري شيءِ وغيره تہ ناهي (اتحاف السادة للزبيدي ج 5 ص 594) ❁ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُلله چئو ❁ پيئڻ جي ڪجهہ گهڙي بعد خالي گلاس کي ڏسندا تہ ان جي ديوارن مان ڪجهہ قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا ان کي ٻہ پي



www.dawateislami.net

ڇڏيو. ❁ گلاس مان بچيل مسلمان جي اُوبر وارو صاف پاڻي کي استعمال لائق هجڻ جي باوجود هرويرو اڇلائڻ نہ کپي ❁ منقول آهي: سُؤرُ الْمُؤمِنِ شِفاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي.

(الفتاويٰ الفقيهة الكبريٰ لابن حجر الهيتمي ج 4 ص 117، كشف الخفاء ج 1 ص 384)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جا شايع ٿيل 2 ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهارِشريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنّتيں اور آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

(101مَدَني گُل،ص۲۷)

عاشقانِ رسول، آئيں سنت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4)ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدِّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي ڪري

---

[1]...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149



www.dawateislami.net

صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهم ڪي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**شافعِ امم** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو** فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هيئن درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.(3)

---

[1] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] ... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص 329 حديث 30

[3] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

”خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن هن دعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قَدر حاصل ڪري ورتي.

(تاريخ ابن عساڪر، 155/19، حديث 4415)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net